حضرت صوفي فقير سائين محمد صلاح قادري درازي

حضرت صوفي فقير محمد صلاح درازي

حضرت صوفي فقير محمد صلاح درازي ٻيرلوءِ (خيرپور) لاڙڪاڻي جو هو ۽ ذات جو جيهو (ابڙو) هو. سندس باري ۾ وڌ ۾ وڌ معلومات ڊاڪٽر نواز علي شوق جي ڪتاب "فقير محمد صلاح" ۾ آيل آهي. فقير صاحب جون يارهن ڪافيون به ڪتاب ۾ درج ڪيل آهن. شوق صاحب جي لکڻ موجب: فقير محمد صلاح 1190هه ڌاري ڄائو هو. سندس حياتيءَ جو پروسي جوڳو احوال ڪو نه ٿو ملي. هُو ڦوه جوانيءَ ۾ سيوهڻ ويو ۽ اٽڪل سال تائين قلندر جي درگاهه تي عبادت ۾ مشغول رهيو. اُتان شاهه خير الدين جي درگاهه تي سکر ۾ عبادت ڪيائين. اُتان ڪيس درزان جو اشارو ٿيو. اِن ڳالهه جي ثابتيءَ طور فقير صاحب جي قبي جي هڪ ڪتبي جي ڏني آهي. ڪتبو هي آهي: ز مهر نظر تو به شاهه خير الدين، شده حڪمش سوي سچل بادشاه، فرمونده واقف سر اسرار هُو، عاشق سچل پاڪ اسمَ هُو الله . 1245 هه ۾ ميرن طرفان جاگير مليس. اُن ڪان وڌيڪ روحاني جاگير هٿ آيس جو هو سچل سائين جو طالب ٿيو. فقير صاحب لاءِ عام مشهور آهي ته : جتي محمد صالح اُتي پاڻ الله. هيءَ حقيقت سندس قبي جي هڪ پٽ تي فارسيءَ ۾ هيئن لکيل آهي: گفت جائيڪ باشد محمد صالح، فضل و لطف باشد آن جا هرگاه. بيدل جو به ساڻس پيار ۽ عقيدت جو رشتو هو. بيدل ساڻس اچي روح رهاڻ ڪندو هو. فقير صاحب ڏانهن ماڻهن جي گهڻي رجوعات هئي. سندس وفات 1275هه/ 1858ع ۾ ٿي. بيدل سائين سندس قطع تاريخ چيو آهي. چون محمد صلاح حق آگاه، عارف وقت واصل بالله، غرق بحر تجليات شهود، محو زات و شهيد فيض نگاهه، ڪرد رحلت ز عالم اجسام، يافت در مُلڪ جان عز و جاه، سال وصلش بجست دل ز خود، گفت هاتف ڪه چشم فيض الله..

فقير محمد صلاح جون ٿي ڪافيون ڏجن ٿيون، جن ۾ خوبصورت زبان ۽ اسلوب موجود آهي:

واهه وٽيون مون ڪي وايون، منٽي ٻاروچل جون ميان.
وره وارن جون ور ورو نهان، جيءَ جنهين جاڳيو
سدا ساه سي سيبايون.
اتم تسلو تن ڪي ميان لاءِ چنٽي سي ڪين ڇڏيندا
پڪا سي قول ڪيائون. 3- پس ساڻ پرين جي ميان،
ٽيڙي سيني ڪي ته صفائي- جُڙيون جنت منجهه جايون.
محمد صلاح سائين مهرون پنهنجي، هيڪڙائيءَ جي اچي حب ۾

سگهڙي سار لڌائون.

هي ٽڪيءَ تي ٿورا، ڪياهيارل ڪيئي.
لٿي ڪس قلوب تان، پسي پرين پيشاني
سڀ اونداهي ويئي.
لٿا حرف حساب جا،
پئو پڳا سڀ پولا
پيش پرين جي پيئي.
پَڪي پاجهاٽيءَ جي، پرين آيو پاڻ جهائي
ويڙا مرض سپيئي.
محمد صلاح چئي ڳٽن پرئي، جون،
لکين پال پلايون
ڳالهہ ڪريان ماٺ ڪيهي.

تنهنجي عشق اُجاريو مير، بيشڪ جند جان جي.
ڪلنگيءَ وارو قرب قرارو، ساقي آهي سو تہ سمير
محبت سندي ميخان جي.
سايو تنهنجو آهي اُنهيءَ تي، تنهن ۾ نا ڪو ڦير
صحت سندو سامان جي.
ڪاڪيون مون کي ڪين ڇڏيندو، هٿئون پنهنجي هير
فائق سچي فرمان جي.
پرين سندي پار جو، درد نہ پانئجي ڏک دلير
شاق رهو شڪران جي.
محمد صلاح محب موچاري، ڪيڙم پال پلير
اَپر ڪيئي احسان جي